# دليپ ڪمار وِي. لکي

## چيف ايڪزيڪيوٽو آفيسر
## وشنداس هولارام لکِي گروپ



Dilipkumar V Lakhi
CEO, Vishindas Holaram - Lakhi Group

اَڄ اَسين هڪ اهڙي دور ۾ داخل ٿي چڪا آهيون، جتي هر اِنسان پنهنجي چوطرف سوارٿ جو هڪ گهيرو ٺاهي ڇڏيو آهي. هُن جي سموري دنيا صرف پاڻ کان شروع ٿي ٿئي ۽ پاڻ وٽ ئي ختم ٿئي ٿي!

پر اَڄ ڪي ٿورا اَهڙا به شخص آهن، جي تمام جوابداريون نڀائڻ سان گڏوگڏ پنهنجي جاتي ۽ پنهنجي سماج جو به اونو رکندي پنهنجي پوري سماج کي پاڻ سان گڏ کڻي هلڻ چاهين ٿا. انهن چند شخصيتن ۾ آهي هڪ اَسان جو پنهنجو سنڌي ڀاءُ **دليپ وي. لکي**، جو بغير ڪنهن پبلسٽيءَ جي سنڌي سماج ۽ اِنساني ڀلائيءَ جا اَنيڪ ڪم ڪندو رهي ٿو. سڀ کان وڏي ڳالهه ته هن ۾ ايتري ته سچائي ۽ ايمانداري آهي، جو هوُ ڪڏهن پوري هندوستان ۾ سڀ کان وڌيڪ اِنڪم ٽيڪس ڀريندڙ شخصيت پڻ رهي چڪو آهي.

**جوَهراڻي:** **سائين، اَوهان جو سواگت آهي. سڀ کان پهرين اَوهين اِهو ٻڌائيندا تہ اَوهين سنڌ ۾ ڪٿي جا رهاڪو هئا؟**

**دليپ:** اَسان جا وڏا شڪارپور، سنڌ ۾ رهندا هئا. اُتي اَسان کي زمينداري ۽ جواهرات جو ڪم هو. اُن سان گڏوگڏ اَسان کي سکر ۾ بہ جواهرات جو ڪم هو. اَسان جا ڪجهہ رشتيدار بئنڪرس جيان هُنڊي پانڊيءَ جو ڪم بہ ڪندا هئا.

**جوَهراڻي:** **سنڌ مان ڪيترا سنڌوَرڪي ڏيساورن ۾ وڃي واپار ڪندا هئا. توهان بہ ٻاهرين ملڪن ۾ ڪجهہ ڏنڌو واپار ڪيو؟**

**دليپ:** اُن وقت بُخارا ۽ رشيا ۾ بہ اَسان جا رشتيدار هئا.

**جوَهراڻي:** **ورهاڱو جيئن تہ سنڌي سماج لاءِ ڪافي دکدايڪ ثابت ٿيو، اهڙي صورت ۾ ڇا توهان جي پريوار تي بہ اُن جو ڪجهہ اَثر ٿيو؟**

**دليپ:** اَسان جي مٿان وڏو اَثر اِهو ٿيو: جو اَسان جي زمين، جائداد ۽ واپار جيڪو سنڌ ۾ هئو: ورهاڱي سبب اُهو سڀ ڪجهہ ڇڏڻو پيو. باقي اسين آزاديءَ کان اَڳ ۱۹۴۴ع ۾ ئي جئپور هليا آيا هئاسين: جتي اَسان جواهرات جو بزنس شروع ڪيو هئو.

**جوَهراڻي:** **توهان کي اُن وقت ئي اَڳيان هلي ماحول خراب ٿيڻ جو اَندازو هئو ڇا؟**

**دليپ:** دراَصل منهنجو ڏاڏو گذاري چڪو هئو. منهنجي پتا کي اُتي زمينداريءَ جو ڪم هو. هوُ جڏهن پنهنجي حصي جو اَناج وٺڻ ويو تہ اُتان جي ڪُڙمين کيس حصو ڏيڻ کان اِنڪار ڪيو. هنن چيو، تہ مسلم ليگ چيو آهي تہ 'جيڪو پوکي اُهو لُٽي!' اُن مهل اَسان سرڪار جي مدد سان پنهنجو حصو تہ ورتو، پر اَسان جو ٻيو ڪم جواهرات جو بہ هئو، سو اسان کي ايندڙ وقت جي حالت نيڪ نہ لڳي. اُن سبب اسان جئپور ۾ اَچي پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيو.

**جوَهراڻي:** **لکي گروپ جو بنياد ڪٿي وڌو ويو؟**

**دليپ:** لکي گروپ جو بنياد، جئپور ۾ ۱۹۴۴ع ۾ اَسان جي پتا طرفان رکيو

ويو. اُتي اَسين ٽريڊنگ بہ ڪندا هئاسين ۽ ننڍي پيماني تي ‘Colour Stones’ جي مينوفيڪچرنگ بہ ڪندا هئاسين. اَسان جي پتا جو هڪ سڌانت هئو، تہ اَسين Stone جو ڪم ڪيون ٿا ۽ جيڪو بہ اَسان کان مال وٺي ٿو، اُهو جيڪڏهن سندس مطلب جو آهي تہ ٺيڪ، نہ تہ ڪيس پنهنجا پورا پيسا واپس ڪري ڇڏيو.

ٻيو تہ اَسين هڪ ڳالهہ ۾ Pioneer آهيون. ١٩٤٤ع ۾ بہ پالش سان Colour Stone وڪامندو هو، جيڪا هڪ Un-usual ڳالهہ هئي. اُن طرح اَسان جي جئپور واري فرم هندوستان ۾ ‘V.P.P. Orders’ ۾ نمبر-ون هئي. گراهڪ اَسان جي وشواس تي .V.P.P ڇڏائڻ لاءِ پهرين پيسا ڀريندا هئا ۽ پوءِ مال ڏسندا هئا.

**جوَهراڻي:** **هيرن جواهرات جي ڪٽ ڪرڻ عام ماڻهن جي وس کان ٻاهر آهي. ان سلسلي ۾ واپار ڪندي اوهان صرف نفعي ڏانهن وڌيڪ مائل هئا يا ڌنڌي جو Volume بہ وڌائڻو هو؟**

**دليپ:** اَسان جي پتا جو هڪ سڌانت هئو ’ ٿورو نفعو گهڻي برڪت! وڌيڪ نفعو وڌيڪ حرڪت!‘ هو اِهو سمجهائيندا هئا تہ وڪرو وڌائيندي نفعو وڌائجي. ٿورو وڪڻي وڌيڪ ڪمائڻ ۾ ڌنڌو ڪڏهن بہ نہ وڌي سگهندو!

**جوَهراڻي:** **اَڄ اَوهين ڌنڌي واپار ۾ جنهن مقام تي پهتا آهيو ڇا اَوهان کي ان کان بہ وڌيڪ حاصل ڪرڻ جي ڪا تمنا آهي يا توهين سمجهو ٿا تہ ايترو ئي ڪافي آهي؟**

**دليپ:** مان پاڻ کي پيڳوان جو اَڪائونٽنٽ سمجهندو آهيان. جيئن اَسان جو اَڪائونٽنٽ سٺي نموني ڪم نہ ڪندو، تہ اَسين کيس ڪڍي ڇڏينداسين ؛ تيئن مان بہ پيڳوان جو اَڪائونٽنٽ آهيان. نيت پٽ سان جيترو ڪم وڌائي سگهجي، بهتر آهي. جيترو اَسين پنهنجي سپلائر کان اُميد ڪندا آهيون تہ ملڻ گهرجي، گهٽ ۾ گهٽ اوترو يا ان کان بہ وڌيڪ. پر اَسين پنهنجي گراهڪن کي سنتوش ڏيڻ جي پوري ڪوشش ڪندا آهيون.

**جوَهراڻي:** **چوندا آهن تہ دولت هڪ رڪ جو ڍير آهي. هڪ هنڌ رکڻ اَجائي آهي. اُن کي ڦهلائبو تہ گل ڦل پيدا ٿيندا. ڇا ٻڌائيندا تہ توهان پنهنجي ڪمائيءَ مان ڪهڙين سنسٿائن کي مالي طور مدد ڪندا آهيو؟**

**دليپ:** اَسان جي پتا 'لکي ٽرسٽ' جي اِستاپنا ڪئي. ان کان اَڳ بہ هن جو هڪ سڌانت هو، تہ اَسين اُن شخص کي ڏيون جيڪو ڪم نٿو ڪري سگهي ۽ لاچار آهي. باقي جيڪي بيروزگار هجن اُنهن کي اَسين مشينون ۽ ٻيو ڪو روزگار جو ساڌن ميسر ڪرايون؛ جيئن هوُ پاڻ 'Self -Dependant' ٿي ڪم ڪري سگهن.

ٻيو تہ اَڄ تائين اَسان جي 'لکي ٽرسٽ' جو سڌانت پئي رهيو آهي تہ ٻارن کي تعليم لاءِ اسڪالرشپ ڏيون، هاسپيٽل ۾ ضرورتمند جي مدد ڪريون، ڪٿي ڪا قدرتي آفت اَچي تہ سهايتا ڪريون. جيئن اوڙيسا ۾ Cyclone آيو هو. ڪڇ ۾ Earth-Quake آيو يا ڪارگل واري جنگ ٿي، تہ اَسان هر پيري مدد ڪئي. ان کان علاوه جڏهن بہ اَسان کي اِئين لڳندو آهي تہ اَسين ڪنهن بہ نموني ماڻهن جي شيوا ڪري ٿا سگهون تہ اَسين ٽرسٽ مان ضرور پنهنجو Contribution ڏيندا آهيون.

**جوَهراڻي:** **ورهاڱي ڪانپوءِ اَسان جي سڀيتا، ٻولي ۽ ڪلچر کي نقصان پهتو آهي. ان جي بچاءَ ۽ اُن جي وڪاس لاءِ اَوهان ڪجهہ ڌيان ڏنو آهي؟**

**دليپ:** وقت بوقت ان باري ۾ اَسان جي سنڌي سماج جي بزرگن سان ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي رهندي آهي. ڪٿي بہ جيڪڏهن اَسان جي سهيوگ جي ضرورت هوندي تہ اَسين سهيوگ ڏيڻ چاهينداسين! اَسان جو هڪ سڌانت آهي، تہ اَسين 'Charity' جي نالي سان سهمت نہ آهيون. اَسين اِئين سمجهندا آهيون تہ هيءَ Contribution اَسين هڪ سهيوگ طور ڏيئي رهيا آهيون. اَڳتي لاءِ پڻ اَسان جي جاتيءَ لاءِ يا ديش لاءِ بہ ڪا ضرورت هوندي تہ پنهنجي وِتَ آهر ضرور سهيوگ ڪنداسين.

**جوَهراڻي:** **توهان جڏهن ڪنهن کي مدد ڪريو ٿا، تہ اُن مهل اَوهان جي ذهن ۾ ڪهڙا خيال اَچن ٿا؟**

**دليپ:** اَسان جو وشواس آهي، تہ ڀڳوان هڪ آهي؛ ڪير ڪيس ’عيسيٰ مسيح‘ چوي تہ ڪير ’پيغمبر محمد‘ چوي، ڪير ’جهولي لال‘ چوي تہ ڪير ’شنڪر ڀڳوان‘ ۽ ’هنومان‘ چوي؛ اَسان جو سڌانت هوندو آهي ’اِنسانيت‘! جتي بہ ضرورت هجي، اَسين اُتي ضرور پنهنجو سهيوگ ڏيندا آهيون. ٻيو ڪو خيال اَسان جي ذهن ۾ نہ هوندو آهي.

**جوَهراڻي:** **اَسين سنڌي هندوستان جي اَلڳ اَلڳ States ۾ پکڙجي ويا آهيون. اَسان هر هنڌ اُتان جي سنسڪرتي اَپنائي آهي. ميندي لڳائڻ اَسين پنجاب کان سکياسين،درگا پوڄا بنگال مان سکياسين، گڻپتيءَ جي پوڄا مهاراشٽرا مان اَپنائيسين. اَسان جو اِشٽ ديو ’جهولي لال‘ آهي، اُن جي ڄاڻ ڪهڙي نموني پنهنجي نوجوان ٽهيءَ تائين پهچائجي؟**

**دليپ:** اَسان کي وقت بوقت جهولي لعل جا Festivals ڪرڻ گهرجن. جتي بہ اَسان جا سنڌ ورڪي رهن ٿا، اُتي ميلا ڪريون تہ جيئن هڪ جاڳرتي اَچي.

**جوَهراڻي:** **اسين گڻپتيءَ جي اِسٿاپنا جيان چاليهي صاحب جي پوڄا وقت پنهنجي گهرن ۾ جهولي لال جي اِسٿاپنا ڪيون تہ ڪيئن ٿيندو؟**

**دليپ:** توهان جو ويچار صحيح آهي! اَسان جي پوري جاتيءَ کي اِهو Message ملڻ گهرجي ۽ اَهڙي ڳالهہ کي جلدي Implement ڪرڻ گهرجي!

**جوَهراڻي:** **توهين ڊائمنڊ جي بزنس ۾ بالي ووڊ جا اَميتاڀ ۽ شاهہ رخ خان ڪيئن بڻيا؟ توهان هندوستان جا Highest Tax Payer آهيو. ڇا اِهو صحيح آهي؟**

**دليپ:** اِئين مڃيو ويندو آهي تہ جواهرات جو ڌنڌو گجراتي ماڻهن ۽ خاص ڪري پالنپور وارن جي Monopoly آهي. مون جڏهن وڏي

پيماني تي اِهو ڏنڊو هلايو:
تڏهن مون کان پڇيائون تہ
”توهين هن ڏنڊي ۾ ڪيئن گهڙيا“. تڏهن مون چيو، تہ
” اِهو اَڏيڪار اَسان جو آهي تہ اَسين توهان کان پڇون تہ تَوهان هن ڏنڊي ۾ ڪيئن آيا؟ اَسين تہ پيڙهين کان اِهو ئي ڏنڊو ڪندا رهيا آهيون! بہ ٽي پيڙهيون اَڳ توهان جو تہ هيءُ ڏنڊو هئو ئي ڪو نہ!“

ٻيو تہ اَسان کي چيو ويو تہ هوُ اَسان کي وڌڻ نہ ڏيندا. پر اَسان جو نيم آهي تہ ڏنڊو ئي اَسان جو ڌرم آهي، نہ ڪي گجرات يا سنڌ!
اُن سبب هنن سان اَسان جو ميل ميلاپ سٺو رهيو. اُهي ئي ماڻهو اَسان جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪن ٿا ۽ اُنهن جي ئي سهيوگ سان اَسين اَڳتي وڌي سگهيا آهيون.

**جوَهراڻي: هرهڪ ڀارتواسيءَ جو فرض آهي تہ ايمانداريءَ سان ٽيڪس ڀري ڏئي. توهان اهو ڪرتويہ بخوبي نڀايو آهي. توهان جو هيءُ ايمانداريءَ ڀريو قدم ئي ڇا توهان جي ڪاميابيءَ جو راز آهي؟**

دليپ: ٽيڪس بچائڻ ۾ ماڻهو ‘De - Focus’ ٿي ويندو آهي. هوُ پورو ڌيان ڏنڊي تي نہ ڏيئي سگهندو آهي. هميشهہ لڪائڻ جي ڪوشش ۾ ئي هن جو ٽائيم هليو ويندو آهي. اَسين اِهو سوچيندا آهيون، تہ اَسين هن ديش جي ترقيءَ ۾ جيترو بہ ٿي سگهي اوترو وڌيڪ Contribute ڪريون. ڇو تہ اُن ۾ اَسان جي ملڪ جو ئي فائدو آهي. ان سان گڏوگڏ اَسين سک جي ننڊ بہ سمهي سگهنداسين!

**جوَهراڻي: هن وقت اَسان جي سڀ کان وڏي اون اِها آهي تہ سنڌي جاتيءَ جو وجود ڪيئن قائم رکيو وڃي. جيڪڏهن وجود قائم رهندو، ٻولي قائم رهندي تہ ئي جاتي قائم رهندي! اهڙي صورت ۾ سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ لاءِ ڇا ڪري سگهجي ٿو؟**

دليپ: اُن لاءِ جتي بہ سنڌي پنج ڏہ هزار رهن ٿا، اُتي اَسين سڀئي گڏجي ڪري، پنهنجو اَدب پهچايون، جهولي لال جا مندر کوليون

۽ Sindhi Festivals ملهايون. اُن ۾ سڀ گڏجي ڀاڱ وٺون، ته سنڌيت کي بچائي به سگهبو ۽ اڳتي به وڌائي سگهبو. جيڪڏهن نئين پيڙهي اُنهن Festivals بهاني Participate ڪندي ته اَسان کي وڏو فائدو پهچي سگهي ٿو.

**جوَهراڻي: ڇا سنڌي سنگيت ۽ رنگ منچ جي ماڌيم سان اُهو مقصد حاصل ڪري سگهجي ٿو؟**

دليپ: اَسين رنگ منچ ۽ سنگيت کان علاوه پنهنجا Sindhi Festivals جيڪڏهن وڌيڪ کان وڌيڪ ملهائينداسين ته ڀاشا، سنسڪار ۽ سنسڪرتيءَ کي بچائي سگهنداسين ۽ نوجوانن کي پڻ انهن جي ڄاڻ ڏئي سگهبي!

**جوَهراڻي: توهان جي پنهنجي گهر ۾ ٻار سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا آهن؟**

دليپ: ها! هوُ سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ جي وڌيڪ ڪوشش ڪندا آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن هندي به اِستعمال ٿيندي آهي!

**جوَهراڻي: اَسان سنڌين جي مستقبل بابت توهين ڇا ٿا سمجهيو؟**

دليپ: اِهو آهي ته سنڌين هميشهه پنهنجي لاءِ نه، پر پوري سماج لاءِ ڀئي ڪم ڪيو آهي! هوُ ته صرف سنڌ کي نه، پر پوري ڀارت کي پنهنجو سمجهن ٿا. اِئين هوُ پنهنجو پورو سهيوگ ڏيندا رهيا آهن. مان ڪين اِهو سنديش ٿو ڏيڻ چاهيان ته جيڪا اَسان جي وڏن جي سوچ هئي ان کي ئي جاري رکندي ڪم ڪندا اَچن. ٻيو اَسان کي اِئين رهڻ گهرجي، جيئن پاڻي اَلڳ اَلڳ برتن ۾ الڳ Shape وٺندو آهي، تيئن اَسين سنڌي به جتي رهون، انهن جي حساب سان پنهنجي Shape کي آڻيون. اُن طرح اَسين جيئون به ۽ پنهنجي سنسڪرتيءَ کي به قائم رکون!

**جوَهراڻي: ڌنيواد! توهان جي جيون جي سڌانتن ۽ ايمانداريءَ واري وهنوار مان ضرور اَسان جا نوجوان پريرڻا پائيندا! مهرباني!**

دليپ: رام ! Thank You